
YPV33X

ٻڌو. پڙهو. عمل ۾ آڻيو.

# ١٠ - سنيتا جي سياڻپ



**پاترن جي واقفيت: سنيتا: عمر اٽڪل ١٠ سال، چور: عمر اٽڪل ٣٠ سال، چوڪيدار: عمر اٽڪل ٢٥ سال**

رات جا اٽڪل ١٢ لڳا آهن. سنيتا پنهنجي اَڀياس جي ڪمري ۾ اِمتحان جي تياري ڪري رهي آهي. سندس ماءُ پيءُ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويل آهن.

هڪ چور سنيتا جي اَڪيلائيءَ جو فائدو وٺي پٺئين در کان گهر اَندر داخل ٿئي ٿو. چوڪريءَ کي جاڳندو ڏسي پردي پٺيان لڪي بيهي ٿو. خوش نصيبان سنيتا پردي پٺيان لڪل چور جا پير ڏسي وٺي ٿي. ڪجهه وقت لاءِ گهبرائجي وڃي ٿي. پر جلدئي ڪجهه سوچي حوصلو رکي هڪ تجويز سوچي ٿي. ڪتاب بند ڪري پنهنجي گڏين سان راند ڪرڻ شروع ڪري ٿي. چور ويچار ڪري ٿو تہ سنيتا ٻار آهي. ڪجهه وقت راند ڪري ٿڪجي پوندي ۽ پوءِ سمهي پوندي. مان آرام سان سڄو گهر ٻهاري ڪڍي ويندس. پر سياڻيءَ سنيتا بہ چور کي پڪڙائڻ جو پڪو اِرادو ڪيو هو. هوءَ گُڏن گُڏين کي پنهنجا رشتيدار ٻڌائي هن ريت راند ڪرڻ لڳي .

سينتا: (وڏي آواز سان) هي بہ وڏا گُڏا منهنجا پيءُ ۽ ماءُ آهن، هيءُ سهڻي گُڏي مان سنيتا آهيان. مان جڏهن وڏي ٿيندس تہ منهنجي شادي هن شاندار ۽ بهادر گُڏي سان ٿيندي. مان پيءُ ۽ ماءُ کي ڇڏي هن گُڏي سان ساهري گهر هلي ويندس. ڪجهه وقت کان پوءِ مونکي هن ننڍي گڏي جهڙو بهادر پٽ ڄمندو. مان سندس نالو جنگہ بهادر رکنديس. منهنجو هيءَ جنگہ بهادر هوشيار پر شرارتي ٿيندو.

(چور آڪاڻي ٻڌي رهيو آهي ۽ سنيتا جي سمهڻ جو اِنتظار ڪري رهيو آهي)

سنيتا: (پنهنجي گفتگو کي چالو رکندي) منهنجو هيءَ شرارتي پٽ جڏهن لکڻ پڙهڻ تي ڌيان نہ ڏيندو تہ مان کيس دڙڪا ڏينديس. منهنجو هيءَ پٽ رسي ويندو. مان کيس منائڻ لاءِ هِن دريءَ کان سڏ ڪنديس. ”او منهنجا بهادر پٽ هيڏانهن اَچ. جنگہ بهادر جلدي اچ.“

(سنيتا جا سڏ ٻڌي گيٽ تي بيٺل چوڪيدار گورکو جنگہ بهادر هڪدم سنيتا وٽ حاضر ٿئي ٿو.)

**جنگہ بهادر:** ڇئہ منهنجي ننيڙي اَمان! منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

(ننيڙيءَ سنيتا جي وڏي پٽ کي اَچانڪ ظاهر ٿيندي ڏسي ڇور وائڙو ٿي وڃي ٿو.)

**سنيتا:** (پردي ڏانهن اِشارو ڪندي) پٽ جنگہ بهادر، هن پردي پنيان ڇور جي لٺ سان مرامت ڪر.

چوڪيدار سمجهي ويو تہ پردي پنيان ڇور آهي، سو ڇور جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي ڪيس ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ اُن تي لٺ اولاري ٿو. ڇور سياڻي سنيتا جي پيرن کي پڪڙي معافي گهري ٿو.

(پردو ڪري ٿو.)

**نوان لفظ:**

حوصلو = همت　　شرارتي = حرڪتي　　ٻهاري وڃڻ = سڀ ڪجهہ ڪٽي وڃڻ

تجويز = رِٿ.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو:**

١) پنئين در ڪان ڪير گهڙي آيو؟
٢) سنيتا ڇور کي ڪٿي ڏٺو؟
٣) چوڪيدار ڇا سمجهي ويو؟
٤) سنيتا راند ۾ رشتيدار ڪنهن کي ٻڌايو؟

**سوال ٢:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو:**

١) سنيتا ڇور کي ڪيئن پڪڙايو؟
٢) سنيتا وڏي آواز ۾ ڪنهن کي سڏ ڪيو ۽ ڇو؟

**سوال ٣:- ضد لکو:-**

پنيان، ننڍو، ٻاهر، سياڻي، بهادر، حاضر.

**سوال ٤:- هيٺين لفظن جون صفتون لکو:-**

ڪم، فائدو، نالو، شانُ، اڪيلائي،

**سوال ٥:- هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”هيءَ سهڻي گڏي مان سنيتا آهيان.“
٢) ”او منهنجا جنگہ بهادر پٽ، هيڏانهن اَچ.“
٣) ”هن پردي پنيان لڪل ڇور جي لٺ سان مرامت ڪر.“

**سوال ٦:- ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو:**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) شرارتي | ١) مائٽ |
| ٢) رشتيدار | ٢) رِٿ |
| ٣) تجويز | ٣) همت |
| ٤) حوصلو | ٤) حرڪتي |

هدايت: ماستر شاگردن کي اهڙي آڪاٽي ٻڌائيندو جنهن مان ٻار بهادر ٿين.

مشغولي: (١) هي سبق ناٽڪي روپ ۾ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

(٢) ماستر شاگردن کي سنگيت آچاريه ماستر چندر جو ڳايل 'اِئين اجا مان ننڍڙي آهيان.' گيت ڪلاس ۾ ٻڌائڻ جو بندوبست ڪندو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) گفتگو لکو:-**

**الف: ”چور ۽ پوليس، (ب) ٽيچر ۽ شاگرد**

**(٢) هيٺيان خاڪا پورا ڪريو:-**

**(الف)**

مان گهر ۾ ڪپڙا تاهي رکندو آهيان.




**(ب)**

ڪرافٽ وشيه ۾ فانوس تيار ڪرڻ سکيو آهيان.




**(٣) ڪتو ٻلي مان ۽ منهنجي ساهيڙيءَ / دوست اِنهن ذريعي ننڍي آڪاٽي / قصو لکو.**

**(٤) ٻه ته ٻارهان اِن چوٽيءَ تي اَٽ ڪان ڏهه جملا لکو.**

(۵) سنيتا وقتائتو قدم کڻي چور کي پڪڙايو.
توهان هيٺين حالتن ۾ ڇا ڪندا؟

| حالت | قدم |
|---|---|
| (۱) توهان کي رستي تي ۱۰۰۰ رپئي جو نوٽ ملي ته ...................... | |
| (۲) هلندي گاڏيءَ مان توهان جو ٿيلهو ڪري پوي ته ...................... | |
| (۳) اِسڪول ۾ ٻن هم ساٿين وچ ۾ جهڳڙو ٿئي ته ...................... | |
| (۴) توهان جا دوست هڪ باغ مان انبڙيون پٽي رهيا آهن ته ...................... | |
| (۵) توهان جي پاريسڙيءَ وٽ پاڻي نڙو اَچي ته ...................... | |
| (٦) رستي تي پنڌ ڪندي توهان سخت گرمي محسوس ڪري رهيا آهيو ته ..... | |

(٦) هيٺين جملن ۾ لفظن جو سلسلو ٺاهي جملا وري لکو:

| | |
|---|---|
| ۱) اَٿر اکين فلمن ڏسڻ تو ٿئي سان تي | |
| ۲) اِسڪول ڪم پورو راڌا گهرو جو ڪيو | |
| ۳) نيرن ماءُ تيار منهنجي ڪئي | |
| ۵) درلپ آهي پرم وير چڪر سنمان | |
| ٦) ماڻهو سنتوشي خوش هر تو رهي حال | |

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏنل مثالن موجب خال ڀريو:

| اِسم | صفت | اِسم | صفت |
|---|---|---|---|
| سنوت | سنئون | ----- | شانائتو |
| سگهه | سگهارو | اثر | ---- |
| گهٽائي | ----- | ڏينهن | ---- |
| ---- | مندائتو | ---- | راتوڪو |
| قيمت | ---- | سمنڊ | ---- |
| ---- | واريا‌سو | ---- | سياڻو |
| عادت | ---- | ---- | وڏو |